SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1987

SINDH ORDINANCE NO. V OF 1987

سنڌ مڪاني حڪومت (ٽيئن ترميم) آرڊيننس، 1987

THE SIND LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

فهرست (Contents)

تمهيد

Preamble

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 کي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 58 جي ترميم

Amendment of Section 58 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول I جي ترميم.

Amendment of Schedule I to Sindh Ordinance XII of 1979

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 1987

SIND ORDINANCE NO. V OF 1987

سنڌ مڪاني حڪومت (ٽيئن ترميم) آرڊيننس، 1987

THE SIND LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

[10 اگسٽ، 1987]

آرڊيننس، جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي. جيڪا هن ريت هوندي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي.

هاڻي تنهن ڪري اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) هيٺ ، مليل اختيارن کي استعمال

ڪندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٽيئن ترميم) آرڊيننس 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 کي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 58 جي ترميم

Amendment of Section 58 of Sindh Ordinance XII of 1979

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڇاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو.

ان جي دفعہ 58 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو.

بشرطيڪ جتي ڪاونسل جي تحليل ٿيڻ جو مدو ان جي عام رواجي آفيس جي مدي کان اڳ چئن مهينن ۾ ختم ٿي رهيو آهي تہ رهيل عرصي لاءِ ڪاونسل ٻيهر نہ جوڙي ويندي ۽ ذيلي دفعہ (2) تحت تحليل ٿيڻ جا اثرات جاري رهندا.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول I جي ترميم.

Amendment of Schedule I to Sindh Ordinance XII of 1979

3. ڇاڻايل آرڊيننس جي شيڊول I جي داخلہ I ۾ انگن "202" لاءِ انگن "204" کي متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.